SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 1974

SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1974

سنڌ زرعي مقصدن لاءِ قرض آرڊيننس، 1974

THE SINDH LOANS AGRICULTURAL PURPOSES ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. آرڊيننس کي ٻين قانونن تي فوقيت هوندي
Ordinance to override other laws

4. پاس بڪ
Pass book

5. زرعي پيداوار جي فراهمي
Delivery of agricultural produce

6. قرض جي ٻيهر ادائگي
Re payment of loan

7. بازيابي
Recovery

8. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

9. ضمانت

Indemnity

سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1974
سنڌ زرعي مقصدن لاءِ قرض آرڊيننس، 1974
THE SINDH LOANS AGRICULTURAL PURPOSES ORDINANCE, 1974

[27 سيپٽمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ۾ زرعي مقصدن لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ۽ ڪو آپريٽو بئنڪن جي ميمبرن کي سهولتون فراهم ڪيون ويندیون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ۾ زرعي مقصدن لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ۽ ڪو آپريٽو بئنڪن جي ميمبرن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ زرعي مقصدن لاءِ قرض آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾، جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه هجي، هيٺين اظهارن جي معنيٰ ترتيبوار هن ريت هوندي، جهڙوڪ:

(a)"ايڊوانس" مطلب زرعي مقصدن لاءِ هن آرڊيننس تحت ڏنل ايڊوانس؛

(b)"بئنڪ" مطلب ڪوآپريٽو بئنڪ؛

(c)"اڌار وٺندڙ" مطلب بئنڪ يا سوسائٽي جو حقيقي ميمبر؛

(d)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e)"زمين" مطلب زرعي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ زمين يا زراعت برابر مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ زمين؛

(f)"قرض" مطلب زرعي مقصدن لاءِ هن آرڊيننس تحت ڏنل قرض؛

(g)"پاس بڪ" زرعي مقصدن لاءِ قرض، ايڪٽ، 1973 (1973 جي ايڪٽ XLII) تحت تيار ڪيل ۽ سنڀاليل پاس بڪ؛

(h)"بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت بيان ڪيل؛

(i)"سوسائٽي" مطلب ڪوآپريٽو سوسائٽي.

(2)ڪو به اظهار جيڪو استعمال ڪيو ويو هجي پر هن آرڊيننس ۾ واضح نه ڪيو ويو هجي، ان جي معنيٰ اها هوندي، جيڪا ان کي ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 (1925 جي سنڌ ايڪٽ VII) ۽ اولهه پاڪستان ڪوآپريٽو سوسائٽيز ۽ ڪوآپريٽو بئنڪس (قرضن جي ٻيهر ادائگي) آرڊيننس، 1966 (1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIV) ۾ ڏني وئي آهي.

آرڊيننس کي ٻين

3.هن آرڊيننس جون گنجائشون تيستائين موثر هونديون

جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي.

قانونن تي فوقيت هوندي
Ordinance to override other laws

4. (1) زمين جي ضمانت تي ڪنهن بئنڪ يا سوسائٽي مان قرض لاءِ درخواست ڪندڙ هڪ قرض يا پيشگي رقم ونڊندڙ اهڙي بئنڪ يا سوسائٽي ۾ سندس نالي تي زمين جي ثبوت سان پاس بڪ پيش ڪندو.

پاس بڪ
Pass book

(2) پاس بوڪ جيڪو ذيلي دفعہ (1) تحت زمين جي ضمانت طور قرض يا ايڈوانس جي منظوري ڪرائڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو، اهو سمجهيو ويندو تہ بئنڪ يا سوسائٽي انهيءَ زمين جي ٽائيٽل طور قبول ڪيو آهي.

(3) جيڪڏهن بئنڪ يا سوسائٽي پاس بڪ ڏيڻ جي آڏار تي قرض يا پيشگي رقم ڏئي ٿي، تہ پاس بڪ ۾ زمين يا زمين جو ٽڪڑو جيڪا ضمانت طور جاڻائي وئي هجي، جنهن ڪري قرض يا پيشگي رقم منظور ڪئي وڃي، ان جي خاني ۾ بئنڪ يا سوسائٽي کي قرض يا پيشگي رقم جي توثيق واري داخلا رکڻي پوندي.

(4) ذيلي دفعہ (3) جي روشني ۾ پاس بڪ ۾ ڪيل توثيق تي بئنڪ يا سوسائٽي ڪجهہ وصول ڪندي، معاملو جيئن بہ هجي، انهيءَ زمين يا زمين جو ٽڪڑو جنهن بابت توثيقي داخلا رکي وئي آهي ۽ اوڏر ونڊندڙ تي اها روڪ هوندي تہ هو اهڙي زمين يا لاڳاپيل شئي کي نيڪال نہ ڪندو، جيستائين لهڻل قرض واپس نہ ڪندو.

(5) ذيلي دفعہ (4) جي پيڇڪڙي ۾ زمين جو وڪرو ڪالعدم هوندو.

زرعي پيداوار جي فراهمي
Delivery of agricultural produce

5.(1) قرض ونڊندڙ پنهنجي مرضيءَ تي، زمين جي زرعي پيداوار قرض جي پيهر ادائگي يا پيشگي رقم يا ان سلسلي ۾ ڪنهن قسط جي لاءِ بئنڪ يا سوسائٽي، يا ان طرفان بااختيار بڌايل ايجنٽ کي ڏئي سگهي ٿو جيئن معاملو هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڏنل زرعي پيداوار ڪُليل مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪئي ويندي ۽ وڪرو مان حاصل ٿيندڙ رقم قسط ۾ ڪاٽي ويندي يا قرض يا پيشگي رقم جي ڪنهن بي رقم م ڪاٽي ويندي، جيڪا قرض واري معاهدي تحت ادائگي لاءِ رهت هئي.

قرض جي پيهر ادائگي
Re payment of loan

6. قسطن يا قرض يا پيشگي رقم جي بين رقمن جي سلسلي ۾ نقد يا زرعي پيداوار ذريعي ڪيل سموريون ادائگيون قرض ونڊندڙ جي پاس بڪ ۾ بيان ڪيل طريقي موجب هونديون ۽ قرض يا پيشگي رقم جي سموري رقم جي ادائگي تي اڌار ونڊندڙ هن آرڊيننس تحت پنهنجي جوابداري کان آجو ٿي ويندو.

بازيابي
Recovery

7.جيڪڏهن قرض ونڊندڙ قرض يا پيشگي رقم جي رقم پيهر ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو بئنڪ يا سوسائٽي سان ڪيل معاهدي جي شرطن موجب تہ اهڙي بئنڪ يا سوسائٽي رقم جي لينڊ روينيو جي رهتن جي مد ۾ بازيابيءَ جي لاءِ موجود ڪنهن بئي قانون سان تضاد کانسواءِ ڪليڪٽر يا ڪو آپريشن ڊپارٽمينٽ جي عملدار جنهن کي ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 (1925 جي سنڌ ايڪٽ VII) تحت ڪليڪٽر جا اختيار ڏنا ويا هجن کي درخواست ڪري

سگهي ٿو رقم جي لينڊ روينيو جي رهتن جي مد ۾ بازيابيءَ جي لاءِ.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

8. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ اهڙا قاعدا بيان ڪن ٿا ته قرض ونڊڻ جيڪي گذاري لائق کان وڌيڪ زمين نه رکندا هجن ۽ جيڪي گذاري لائق کان وڌيڪ زمين رکندا هجن انهن کي جاري ڪيل قرضن ۽ پيشگي رقم تناسب بئنڪن ۽ سوسائٽيز جي وچ ۾ طئي ڪندا.

وضاحت: هن ذيلي دفعه ۾ "سبسسٽنس هولڊنگ ۽ اڪانامڪ هولڊنگ" کي ساڳي معنيٰ آهي جيئن لينڊ ريفارمز ريگيوليشن، 1972 ۾ ڏنل آهي.

(3) قاعدن ۾ ڄاڻايل تناسب تبديل نه ڪيو ويندو:

(i) قرض ونڊڻ جي نقصان ۾ جنهن کي زمين سبسسٽنس هولڊنگ کان وڌيڪ نه هجي ۽ اڏار ونڊڻ جي فائدي ۾ جن کي زمين سبسسٽنس هولڊنگ کان وڌيڪ هجي؛ ۽

(ii) قرض ونڊڻ جي نقصان ۾ جنهن کي زمين اڪانامڪ هولڊنگ کان گهٽ هجي ۽ قرض ونڊڻ جي فائدي ۾ جن کي زمين اڪانامڪ هولڊنگ کان وڌيڪ هجي.

ضمانت
Indemnity

9. هن آرڊيننس يا ان سلسلي ۾ جوڙيل ڪنهن قاعدي تحت سڀني نيت سان ڪجهه ڪرڻ تي ڪو مقدمو ڪيس يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.